
# فيضانِ

## جُمادَي الأوليٰ ۽ جُمادَي الأخريٰ

سنڌي



پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **فيضانِ جُمادَي الاُوليٰ ۽ جُمادَي الاُخريٰ**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ جُمادَي الاُوْليٰ ۽ جُمادَي الاُخريٰ

**پيشڪش المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)**

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ جُمادَي الاُوْلٰي ۽ جُمادَي الاُخريٰ [1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ” **فيضان جُمادَي الاُولٰي و جُمادَي الاُخريٰ** “ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي اسلامي مهينن جو ادب نصيب فرماءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيستائين مسلمان مون تي درود شريف پڙهندو رهندو آهي، ملائڪ ان تي رحمتون موڪليندا رهندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا وڌيڪ.(ابن ماجه ، 1 / 490 ، حديث : 907)

بیٹھتے، اُٹھتے، جاگتے، سوتے ہو الٰہی مرا شِعار دُرُود

(ذوقِ نعت ، ص124)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... هي رسالو المدينة العلميہ جي ڪتاب ”اسلامي مهينن جا فضائل“ مان جُمادي الاولٰي ۽ جُمادي الأُخريٰ جي مهينن جي مناسبت سان تيار ڪيو ويو آهي. (شعبہ ہفتہ وار رسالہ مطالعہ)

## ”جُمادَي الاُوْليٰ“ ۽ ”جُمادَي الاُخريٰ“ نالا رکڻ جي وجھ

اسلامي سال جو پنجون مهينو ”جُمادَي الاوليٰ“ ۽ ڇھون مهينو ”جُمادَي الاُخريٰ“ آهي. اسلامي مهينن جو تعلق چوڻ چنڊ سان هوندو آهي ۽ چنڊ جي گردش جي باعث انهن مهينن ۾ موسم تبديل ٿيندي رهندي آهي. هڪ موسم ڪنهن مهيني ۾ ايندي آهي ته آئنده ڪجھ سالن ۾ اها ئي موسم ڪنهن ٻي مهيني ۾ اچي ويندي آهي، انهيءَ ڪري موسم کي اسلامي مهينن سان خاص نٿو ڪري سگھجي پر جڏهن انهن مهينن جا نالا رکيا ويا اُن وقت هن پنجين ۽ ڇهين مهيني ۾ ايتري ته سردي پوندي هئي جو پاڻي مان برف جمي ويندي هئي ۽ جُماديٰ جي معنيٰ آهي”جمي وڃڻ“ انهيءَ مناسبت سان پنجي مهيني کي ”جُمادي الأوليٰ“ ۽ ڇهين مهيني کي ”جُمادي الأخري“ چيو وڃڻ لڳو. (تفسير ابن كثير ، التوبة ، تحت الآية : 36 ، 4 / 129 )

## صحيح نالو ۽ صحِيح تلفظ[1]

لغت جي اعتبار سان انهن ٻنهي مهينن جا صحيح ۽ درست تلفظ هي آهن: جُمادي الأوليٰ (جُ_مَ_ا_دَ_لْ_اُ_و_ليٰ)جُمادي الأُخريٰ(جُ_مَ_ا_دَ_لْ_اُ_خْ_رٰ) ۽ جمادي الآخره (جُ_ مَ_ا_دَ_لْ_آ_خِ_رَ_ةْ).

---

1... مشهور نحوي امام فَراء چون ٿا: كُلُّ الشُّهُوْرِ مُذَكَّرَةٌ اِلَّا جُمَادَيَيْن يعني سيني مهينن جا نالا مذڪر آهن سواءِ ٻن جُمادِي مهينن(يعني جُمادَي الاوليٰ ۽ جُمادَي الأُخريٰ يا الآخرة) جي انهن ٻنهي جا نالا مؤنث آهن.(الشماريخ فی علم التاريخ ، ص13) جڏهن لفظ ”جُماديٰ“ مؤنث آهي ته ان جي صفت ٻه مؤنث ئي ذڪر ڪئي ويندي انهيءَ ڪري”جمادي الاوّل“ ۽ ” جُمادي الآخر“ نه چيو وڃي ڇو ته ”الاوّل“ ۽ ”الآخر“ مذڪر آهن بلڪ ” جُمادَي الاوليٰ “ ۽ ” جُمادي الأُخريٰ “ چوڻ گھرجي. ائين ئي ڇهين مهيني کي ”جمادَي الثّاني“ ٻه نه چيو وڃي ڇو ته ثاني اُتي ايندو آهي جتي ان کان بعد ثالث(ٽيون) ٻه هجي جڏهن ته هتي ٽيون ناهي.
(غياث اللغات ، باب الجيم ، ص194-195)

## جُمادَي الاُوليٰ ڪيئن گذاريون؟

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان کي پنهنجي آخرت جي بهتري جي لاءِ سڄو سال ئي فرائض ۽ واجبات جي پابندي سان گڏوگڏ نفلي عبادتن جو به اهتمام ڪرڻ گهرجي ڇوته الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي هر نيڪ عمل تي فضل و ڪرم جي ڇماڇم بارش وسائيندو آهي، خاص ڪري ڪجھ مهينن جي مخصوص ڏينهن ۽ انهن جي راتين ۾ سندس رحمت جو وهڪرو وڌي ويندو آهي. اُن جي رحمت حاصل ڪرڻ ۽ عبادت جو شوق وڌائڻ جي لاءِ انهن مهينن ۾ مخصوص عبادتن ۽ اوراد ۽ وظائف تي اجر ۽ ثواب جون بشارتون ڏنيون ويون آهن. جُمادي الاوليٰ جي مهيني ۾ به عبادت جو شوق وڌائڻ ۽ خوب خوب اجر ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ بُزرگانِ دين جا معمولات ۽ انهن کان منقول عبادتون ۽ ڪجھ اوراد و وظائف هتي نقل ڪيا پيا وڃن، الله پاڪ کان دعا آهي ته اسان کي هن مبارڪ مهيني ۾ پنهنجي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ خوب خوب عبادتون ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## پهرين رات جا نفل

جواهرِ خمسه ۾ آهي ته جمادَي الاوليٰ جي پهرين تاريخ تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْہم ويهه رڪعتون نفل نماز پڙهندا هئا ۽ هر رڪعت ۾ سورت فاتحه کان پوءِ هڪ ڀيرو سورت اخلاص ﴿قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ﴾ پڙهندا هئا. نماز کان فارغ ٿيڻ کان بعد هڪ سؤ ڀيرا درود شريف پڙهڻ معمول هيو. (جواہِرِخمسہ، ص21)

خليفهءِ مفتي اعظم هند فيضِ ملّت، حضرت علامہ مفتي محمد فيض احمد اُوَيسي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ان شاءَالله هن نماز جي برڪت سان الله پاڪ بيشمار نمازن جو ثواب عطا فرمائيندو.

(اسلامی مہینوں کے فضائل ومسائل ، ص65 )

جواهرِ خمسه ۾ آهي: پهرين رات ۾ رڪعتون اهڙي طرح ادا ڪيو جو پهرين رڪعت ۾ سورت فاتحه کان پوءِ سورت جمعه ۽ ٻئي رڪعت ۾ سورت مُزمل پڙهي. (جواہرخمسہ ، ص21 )

جيڪو هن مهيني جي پهرين رات ۽ پهرين ڏينهن چار رڪعت نماز پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ (سورت فاتحه کان بعد) يارهن ڀيرا سورت اخلاص﴿قُلۡ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ﴾ پڙهي ته الله پاڪ سندس اعمال نامي ۾ 90 سال جي عبادت لکڻ جو حڪم ڏيندو آهي ۽ 90 سال جون برايون سندس اعمالنامي مان متائي ڇڏيندو آهي.

(جواہر غیبی ، ص618 )

حضرت علامہ مفتي محمد فيض احمد اُوَيسي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته پهرين تاريخ تي مغرب جي نماز کان بعد 8 رڪعت نماز چار سلامن سان پڙهڻي آهي، پهرين ۽ ٻئي رڪعت ۾ سورت فاتحه کان پوءِ سورت اخلاص ﴿قُلۡ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ﴾ يارهن يارهن ڀيرا پڙهي. هيءَ نماز نهايت افضل آهي ۽ ان جي پڙهڻ سان ان شاءَالله بيشمار عبادتن جو ثواب پاڪ پروردگار جي طرفان عطا ڪيو ويندو.

( اسلامی مہینوں کے فضائل ومسائل ، ص65 )

## ٽئين رات جا نفل

جواهرِ خمسه ۾ آهي: ٽئين رات تي ويهه رڪعتون ڏهه سلامن سان گڏ پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ سورت فاتحه کان پوءِ ڏهه ڏهه ڀيرا

سورت قدر پڙهي. نماز کان بعد صبح تائين هي تسبيح پڙهندورهي:

يَاعَظِيْمُ تَعَظَّمْتَ بِعَظَمَتِك وَالْعَظَمَةُ فِي عَظَمَتِكَ يَاعَظِيْم

(**ترجمو:** اي عظمت وارا! تون پنهنجي وڏائي جي سبب عظمت وارو آهين ۽ اي عظمت وارا! حقيقي وڏائي تنهنجي ئي وڏائي آهي). (جواہرخمسہ ، ص21)

## ستاويهين رات جا نفل

جواهرِ خمسه ۾ آهي: هن مهيني جي ستاويهين تاريخ تي 8 رڪعتون ٻن سلامن سان پڙهو ۽ هر رڪعت ۾ سورت فاتحه کان پوءِ سورت والضحيٰ هڪ هڪ ڀيرو پڙهو پوءِ هيءَ تسبيح پڙهو: ''سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَبُّ الْمَلآئِكَةِ وَالرُّوْح'' (ترجمو: پاڪ آهي، بي عيب آهي ملائڪن ۽ روح جو ربّ) (جواہرخمسہ ، ص22۔ لطائف اشرفی ، 2 / 231)

## جمادي الاوليٰ جا روزا

حضرت شاه ڪليمُ الله شاه جهان آبادي رَحمۃُ اللہ عَلَیہ فرمائن ٿا: هن مهيني جي ٻئين، ٻارهين ۽ ايڪهين تاريخ تي روزو رکڻ جو تمام گهڻو ثواب آهي. (مرقع کلیمی ، ص199۔ جواہرغیبی ، ص618 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جُمادَي الاُخريٰ ڪيئن گذاريون؟

**پيارا اسلامي ڀائرو!** تمام اسلامي مهينن جيان جمادي الأُخريٰ به وڏي خيروبرڪت جو مهينو آهي ۽ هن مهيني جي عبادت نهايت افضل آهي. اهو مهينو رجب جي مهيني جو استقبال آهي جڏهن ان جي عبادت جو مقصد رجب جي مهيني جي حُرمت آهي. هن مبارڪ مهيني جي متعلق بُزرگانِ دين کان مخصوص عبادتون ۽ نفل منقول

آهن جن کي اپنائي ڪري الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي ۽ هن مهيني جون برڪتون حاصل ڪري سگهجن ٿيون.

## جُمادَي الاُخريٰ جا روزا

جُمادي الأُخريٰ ۾ روزن رکڻ جي متعلق حضرت شاھ ڪليم الله شاھ جهان آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: هن مهيني جي پهرين، پندرهين ۽ آخري تاريخ تي روزو رکڻ جو تمام گهڻو ثواب آهي.

( مرقع ڪليمی ، ص199)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پهرين رات جا نفل

جواهرِ خمسه ۾ آهي: جُمادي الأُخري جي پهرين رات ٻه رڪعتون نماز پڙهي ۽ سلام کان بعد خوب استغفار ڪري.

(جواہرخمسہ ، ص22 )

## سڄو سال تنگدستي کان حفاظت

جيڪو شخص ٻارهن رڪعتون 6 سلامن کان پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ سورت فاتحه کان بعد سورت قريش (لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ) پڙهي ۽ نماز کان فارغ ٿي ڪري سورت يوسف جي تلاوت ڪري الله ڪريم ان کي تنگدستي ۽ مفلسي کان هڪ سال تائين محفوظ رکندو. (جواہرخمسہ ، ص22 )

فيضِ ملت، حضرت علامہ مفتي محمد فيض احمد اُويسي رَحْمَةُ الله عَليه فرمائن ٿا: بُزرگانِ دين (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم) کان منقول آهي تہ هن مهيني ۾ جيڪو شخص چار رڪعتون نفل ادا ڪري ۽ هر رڪعت

۾ سورت(فاتحه کان بعد) سورت اخلاص﴿قُلۡ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ﴾ تيرهن (13) ڀيرا پڙهي تہ اللّٰه ڪريم ان جا بيشمار گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ ان جي اعمالنامي ۾ بہ ڪيتريون ئي نيڪيون لکي ڇڏيندو آهي.

(اسلامی مہینوں کےفضائل ومسائل ، ص67 )

## حُرمت ۽ عظمت جي بشارت

فيضِ ملّت، حضرت علامہ مفتي محمد فيض احمد اُوَيسي رَحۡمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: جيڪو شخص جمادي الأخريٰ جي ايڪهين رات کان آخري تاريخ تائين هر رات عشاء جي نماز کان بعد ويهہ رڪعتون نماز ڏهہ سلامن سان پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ سورت فاتحہ کان بعد سورت اخلاص ﴿قُلۡ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ﴾ هڪ هڪ ڀيرو پڙهي تہ اللّٰه پاڪ ان نماز پڙهڻ واري کي حرمت ۽ عظمت بخشيندو آهي.

(اسلامی مہینوں کےفضائل ومسائل ، ص70)

جواهرِ خمسہ ۾ آهي: ايڪهين رات کان آخري تاريخ تائين ڪيئي صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان هر رات ويهہ رڪعتون نماز پڙهندا هئا.(جواہرخمسہ ، ص22 )

## آخري عشري جا اعمال

ڪيترائي صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان هن مهيني جي آخري 10 ڏينهن ۾ رَجبُ المرجب جي استقبال جي لاءِ روزا رکندا هئا.

( جواہرخمسہ ، ص22)

فيضِ ملّت، حضرت علاّمہ مفتي فيض احمد اويسي رَحۡمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: جُمادي الأخريٰ جي آخري تاريخ تي روزو رکڻ رجب شريف جي استقبال جي لاءِ بهتر آهي. (اسلامی مہینوں کےفضائل ومسائل ، ص70 )

حضرت علّامہ عبدالرّحمٰن ابنِ جوزي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ (وفات:597ھ) فرمائن ٿا: انسان کي گهرجي تہ رجب شريف جي آمد کان پهريان استقبالِ رجب جي لاءِ پاڻ کي گناهن کان پاڪ صاف ڪري، پنهنجي هر خطا پنهنجي هر گناهہ تي نادم ۽ شرمنده ٿي ڪري اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪري ۽ توبہ جي ذريعي پنهنجي دل کي گناهن جي گندگي کان پاڪ ڪري. ( النورفی فضائل الايام والشہور ،ص 129)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جُمادي الاُولٰي ۽ اُخريٰ جون جدا جدا عبادتون

ڪجھ نيڪيون اهڙيون هونديون آهن جن جي ذريعي هر مهيني اجر ۽ ثواب ڪمائي سگهجي ٿو. فرائض جي پابندي سان گڏوگڏ جُمادي الاولٰي ۽ جُمادي الاُخريٰ ۾ انهن نيڪين جو بہ اهتمام ڪيو ۽ اللہ پاڪ جون خوب خوب رحمتون ۽ برڪتون حاصل ڪيو.

## روزي جي لاءِ مهيني جا افضل ڏينهن

حضرت امام غزالي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ هر مهيني جي افضل ڏينهَن جي باري ۾ فرمائن ٿا: مهيني جو پهريون، وچون ۽ آخري ڏينهن ۽ وچ ۾ ايامِ بيض يعني چنڊ جي تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين تاريخ. هي فضيلت وارا ڏينهن آهن انهن ۾ روزا رکڻ ۽ ڪثرت سان خيرات ڪرڻ مستحب آهي تہ جيئن انهن وقتن جي برڪت سان ان جو اجر ٻيڻو ٿئي. ( احياء العلوم ،، 1 / 318 ملتقطا)

حضرت ابوذر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي ابو ذر! جڏهن توهان هر مهيني ٽي روزا رکو تہ تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين جا رکو. (ترمذی ، 2 / 193 ، حديث : 761 )

حضرت ابو عثمان نَهدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان ستن ڏينهن تائين حضرت ابوهريره جو مهمان رهيس. مون پڇيو: ”اي ابوهريره! اوهان ڪهڙي طرح روزا رکندا آهيو يا اوهان جا روزا ڪيئن هوندا آهن“؟ فرمايائون: مان هر مهيني جي شروعات ۾ ٽي روزا رکندو آهيان ۽ جيڪڏهن ڪو مسئلو پيش ايندو آهي تہ مهيني جي آخر ۾ ٽي روزا رکي وٺندو آهيان.“ ( مسند احمد ، 3 / 268 ، حديث : 8641 مختصراً)

## سڀني مهيني جو ثواب

اعليٰ حضرت، امام اهل سُنت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو ويو: ”اَيامِ بيض ۾ روزا رکڻ سان سڀني مهيني جو ثواب ملندو آهي؟“ ارشاد فرمايائون: ”هائو! پهرين، ٻئين، ٽئين يا چوٿين، تيرهين يا پندرهين يا ستاويهين، اٺاويهين، اُڻٽيهين انهن مان جنهن ۾ روزو رکي سيني جو ثواب برابر آهي. (ملفوظات اعلی حضرت، ص419)

هڪ روايت ۾ آهي سرورِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ايامِ بيض جا ٽي روزا رکڻ جو حڪم ڪندا ۽ فرمائيندا هئا: هي هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهن. ( نسائی ، ص397 ، حديث : 2427)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جي پياري پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر مهيني جي اَيّام بيض جي ڏينهَن ۾ روزا رکڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي ۽ بُزرگانِ دين هر مهيني روزن جي لاءِ افضل ڏينهن بيان ڪيان آهن انڪري اسان کي گهرجي تہ انهن مهينن ۾ بہ روزا رکون تہ جيئن خوب برڪتون ۽ رحمتون حاصل ٿين.

## مومن جو موسم بهار

شروع ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڄڏهن مهينن جا نالا رکيا ويا تہ ان دوران پنجين ۽ ڇهين قمري مهيني ۾ تمام گهٽي سردي هوندي هوئي جنهن جي سبب پنجين جو نالو جمادي الاوليٰ ۽ ڇهين مهيني جو نالو جمادي الاخريٰ رکيو ويو آهي. انهيءَ مناسبت سان هتي سردين ۾ ڪيون ويندڙ نيڪين جي حوالي سان بزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِم جا ڪجھ اقوال ۽ انهن جا واقعا نقل ڪيا پيا وڃن.

## روزو رکوءِ قيام ڪيو

سردي هجي يا گرمي! هر موسم عبادت جي موسم آهي پر سردين ۾ گهٽ وقت ۾ وڌيڪ ثواب ڪمائڻ گرمي جي نسبت آسان آهي ڇوتہ سردين جا ڏينهن ننڍا هوندا آهن، راتيون وڏيون هونديون آهن ۽ موسم ٿڌو رهندو آهي. جيئن تہ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: سياري جي موسم مومن جي لاءِ بهار جي موسم آهي جو هن ۾ ڏينهن ننڍا هوندا آهن تہ مومن ان ۾ روزو رکندو آهي ۽ ان جون راتيون وڏيون هونديون آهن تہ هُو ان ۾ قيام ڪندو (يعني نفل نماز پڙهندو) آهي. ( شعب الايمان ، 3 / 416 ، حديث : 3940)

سردي مومن پانهي جي لاءِ بهار جو موسم ان ڪري آهي جو هُو هن موسم ۾ فرمانبردارين ۾ رهندو آهي ۽ عبادتن جي ڪثرت ڪندو آهي پڻ سردي جي موسم ۾ آساني سان ادا ٿيڻ وارن نيڪ اعمالن ۾ اضافو ڪندو آهي. جيئن بهار جي موس ۾ چراگاهہ ۾ جانور چرندا آهن ۽ خوب تندرست ۽ ٿُلها ٿي ويندا آهن ايئن ئي سياري جي موسم ۾ الله پاڪ پنهنجي عبادتن جون جيڪي

آسانيون عطا فرمايون آهن انهن جي برڪت سان مومن ٻانهي جو دين ۽ ايمان بہ مضبو ٿي ويندو آهي ڇوتہ جڏهن سردي جو موسم ايندو آهي تہ مومن ٻانهو بُک ۽ اُڃ جي مشقت برداشت ڪرڻ کان بغير ئي ڏينهن ۾ روزو رکي سگهي ٿو جو ڏينهن ننڍو ۽ ٿڌو هوندو آهي تنهنڪري روزي جي تڪليف محسوس ناهي ٿيندي.

(لطائف المعارف ، ص372)

## ٿڌي غنيمت

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”سردي جا روزا ٿڌي غنيمت آهن.“ (ترمذی ، 2 / 210 ، حديث : 797)

هن حديث جي شرح ۾ آهي: سردي جي روزن کي ٿڌي غنيت فرمائڻ جو سبب اهو آهي تہ هيءُ اهڙو مالِ غنيمت آهي جيڪو ڪنهن لڙائي، ٿڪاوٽ يا مشقت جي بغير ئي هٿ اچي ويندو آهي انهيءَ ڪري مجاهد هن غنيمت کي آساني سان حاصل ڪري وٺندو آهي.

(لطائف المعارف ، ص372)

## عبادتن ۾ اضافي جو موسم

اسان جا بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم سردي جي موسم جي اچڻ تي خوش ٿيندا هئا ۽ ان کي عبادت ۾ اضافي جو موسم قرار ڏيندا هئا، جيئن تہ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ٿڌي موسم جي آمد تي فرمائيندا هئا: سردي کي خوش آمديد، هن ۾ الله پاڪ جون رحمتون نازل ٿينديون آهن جو شبّ بيداري ڪرڻ واري جي لاءِ هن جون راتيون ڊگهيون ۽ روزيدار جي لاءِ ڏينهن ننڍو ٿيندو آهي.

(مسند الفردوس ، 4 / 164 ، حديث : 6513)

هن فرمان جي شرح ۾ آهي: سردي جون راتيون ڊگهيون هونديون آهن لهٰذا اهو ممڪن ٿيندو آهي تہ رات جي هڪ حصي ۾ آرام ڪيو وڃي ۽ پوءِ هڪ حصو الله پاڪ جي عبادت ۾ گذاريو وڃي. ايئن مومن پانهو نماز پڙهي وٺندو آهي، قرآن پاڪ جو مخصوص حصو تلاوت ڪري وٺندو آهي ۽ جسم کي ڪيس ضرورت جي مطابق ننڊ بہ ملي ويندي آهي اهڙي طرح سردين جي راتين ۾ مسلمان پنهنجو ديني فائدو بہ حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ سندس جسم کي راحت بہ ملي ويندي آهي. (لطائف المعارف ، ص372)

## سردين ۾ عبادتن جي متعلق بُزرگانِ دين جا اقوال

الله پاڪ جا نيڪ پانها سردين جي ڏهاڙن ۾ عبادت کي محبوب سمجهندا هئا. حضرت يحيي بن معاذ رازي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: رات وڏي آهي ان کي ننڊ سان ننڍو نہ ڪيو ۽ ڏينهن پاڪيزه آهي ان کي گناهن کان ميرو نہ ڪيو. (صفة الصفوة ، 4، / 87)

حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: سردي مومن پانهي جو ڪيترو نہ بهترين زمانو آهي! راتيون وڏيون هونديون آهن پانهو رات جو نماز جي لاءِ قيام ڪندو آهي ۽ ڏينهن ننڍو هوندو آهي تہ پانهو روزو رکي وٺندو آهي. (لطائف المعارف ، ص373)

جڏهن سردي جو موسم ايندو هو تہ حضرت عبيد بن عامر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائيندا هئا: اي قرآن وارؤ! توهان جي قرآن پڙهڻ جي لاءِ راتيون وڏيون ٿي ويون آهن تنهنڪري قيام ۾ خوب تلاوت ڪيو ۽ توهان جي روزي جي لاءِ ڏينهن ننڍو ٿي ويو آهي لهٰذا روزو رکو.

(احاديث الشتاء، ص98 )

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سرديءَ جي ڪري عبادتن ۾ سُستي نہ ڪيو بلڪ سردي جي مشقت تي صبر ڪري ”اَفْضَلُ الْاَعْمَالِ اَحْمَزُهَا“ يعني افضل ترين عمل اهو آهي جنهن ۾ مشقت وڌيڪ هجي.“ (تفسير كبير، البقرة، تحت الآية: 34، 1 / 431) تي عمل ڪيو ۽ انهن بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ عَلَيْهِم کي ياد ڪيو جيڪي سخت سردين ۾ سڄي رات الله ڪريم جي عبادت ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، ننڊ پري ڪرڻ جي لاءِ ٿڌي پاڻي سان وضو فرمائيندا هئا. جيئن تہ

## سردين ۾ بُزرگانِ دين جي عبادتن جون حڪايتون

(1) حضرت امام مالڪ بن انس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت صفوان بن سُليم زُهري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سردين ۾ ڇت تي ۽ گرمين ۾ گهر جي اندر نماز پڙهندا ۽ صبح تائين سردي ۽ گرمي جي ڪري سڄاڳ رهندا ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ دعا ڪندا هئا: اي الله پاڪ! هيءُ صفوان جي طرفان ڪوشش آهي ۽ تون وڌيڪ ڄاڻين ٿو.

(حلية الاولياء، 3/ 186، رقم: 3645)

(2) حضرت صفوان ۽ ٻيا بُزرگ سڳورا رَحِمَهُمُ اللهُ عَلَيْهِم سرد راتين ۾ هڪ ڪپڙي ۾ نماز پڙهندا هئا تہ جيئن ٿڌ سبب ننڊ ويندي رهي. ڪجھ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ عَلَيْهِم کي جڏهن عبادت جي دوران ننڊ ايندي هئي تہ پاڻي ۾ غوطا لڳائيندا ۽ فرمائيندا هئا: هي پاڻي (دوزخين جي) پونءَ جي پاڻي کان هلڪو آهي. (لطائف المعارف، ص375)

## فڪرِ آخرت جوهڪ انداز

(3) حضرت زُبيد يامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ رات تهجد جي لاءِ اٿيا، وضو جي ڪؤنري ۾ هٿ وِڌائين تہ پاڻي تمام گهڻو ٿڌو هيو ۽

سخت سردي سبب جمڻ جي ويجهو هو. جڏهن کين ٿڌاڻ محسوس ٿي ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي جهنم جي زمهرير[1] ياد اچي وئي، سڄي رات ايئن ئي گذري وئي ۽ صبح ٿيڻ تائين ڪوُنري مان هٿ نہ ڪڍيو. صبح سندن خادمياڻي آئي تہ سندن انهيءَ ڪيفيت ۾ هئا، ٻانهيءَ چيو: سائين اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اوهان معمول مطابق گذريل رات تهجد جي نماز بہ ناهي پڙهي ۽ هتي ايئن ئي وينا آهيو. حضرت زُبيد يامي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: اللّٰه پاڪ توتي رحم ڪري، ٿيو ايئن جو مون ڪوئنري ۾ هٿ وڌو تہ پاڻي جي ٿڌاڻ سان تڪليف محسوس ٿي پوءِ مون کي زَمۡهرِيۡر ياد اچي وئي، خدا جو قسم! توهان جي هتي اچڻ تائين بہ مون کي هن پاڻي جي ٿڌاڻ محسوس ناهي ٿي. (صفة الصفوة ، 3 / 64)

(4) حضرت داود بن رُشَيد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ماڻهو ڪنهن سرد رات جو نماز جي لاءِ وضو ڪرڻ جي ارادي سان اٿيو، پاڻي تمام گهڻو ٿڌو محسوس ٿيو، سو اهو روئڻ لڳو، ايتري ۾ هڪ پڪار ٻڌڻ ۾ آئي: ڇا تون ان تي راضي ناهين؟ جو اسان ماڻهن کي سمهاري ڇڏيو ۽ توکي اٿاريو، تون ايئن بلا وجھ روئي رهيو آهين! ( لطائف المعارف ، ص374)

(5) حضرت ابو سُليمان داراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان هڪ سرد رات محراب ۾ هيس. سردي ڏاڍو پريشان ڪيو، مون سردي کان بچڻ جي لاءِ هڪ هٿ لڪائي ڇڏيو ۽ ٻيو هٿ(دعا جي لاءِ) ڦهليل هو.

---

1 زَمهرير سخت قسم جي ٿڌ آهي جيڪا ڪافرن کي عذاب ڏيڻ جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. (النہایۃ فی غریب الاثر ، 2 / 283) اها پنهنجي ٿڌ کان ائين ساڙيندي آهي جيئن باھ پنهنجي گرمي سان ساڙيندي آهي. (تفسیرِ خازن ، سورۃ ص ، تحت الآیۃ : 57 ، 4 / 47 )

ايتري ۾ منهنجي اک لڳي وئي، کو چوڻ وارو چئي رهيو هو: اي ابو سُليمان ! هک هٿ ۾ جيڪو اسان کي رکڻو هو سُو رکي ڇڏيو، جيڪڏهن ٻيو هٿ به هجي ها ته ان ۾ به ضرور رکون ها. حضرت ابو سُليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان کان بعد مون پاڻ کان عهد ڪري ورتو ته گرمي هجي يا سردي هميشه ٻئي هٿ ڦهلائي دعا ڪندس. ( حلية الاولياء ، 9 / 272 ، رقم : 13870)

## جن جي لاءِ سردي گرمي برابر هئي

بعض بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي لاءِ سردي ۽ گرمي برابر هوندي هئي. جيئن محبوبِ پروردگار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت موليٰ علي شيرخدا رَضِيَ اللهُ عَنْه جي لاءِ دعا ڪئي ته الله پاڪ انهن کان گرمي ۽ سردي پري ڪري ڇڏي. سو حضرت علي المرتضيٰ، شير خدا رَضِيَ اللهُ عَنْه سردي ۾ گرم موسم جا (سنها) ڪپڙا پائيندا هئا ۽ گرمي ۾ سرديءَ واري موسم جا (ٿلها) ڪپڙا پائيندا هئا. ( حلية الاولياء ، 9 / 272 ، رقم : 13870)

هک تابعي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سردي ۾ پاڻيءَ کان طهارت حاصل ڪرڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي انهن بارگاهِ الٰهي ۾ دعا ڪئي سو(انهن جي دعا مقبول ٿي ۽) سردي جي موسم ۾ انهن وٽ پاڻي ايندو هو ته گرم هئڻ سبب ان ۾ ٻاڦ هوندي هئي.

( حلية الاولياء، 9 / 272 ، رقم : 13870 )

حضرت ابو سُليمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حج جي سفر جي دوران هک بزرگ کي ڏٺو ته سخت سردي ۾ ڳريل ڪپڙا پاتل آهن ۽ پگهر ۾ ٻڏل آهي. حضرت ابو سُليمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي حيرت ٿي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بزرگ کان حال احوال پڇيو، انهن فرمايو: گرمي ۽ سردي ته الله

پاڪ جون بہ مخلوق آهن، الله پاڪ حڪم فرمائي تہ سردي گرمي مون تي چائنجي وجي تہ مون کي سردي ۽ گرمي لڳي ۽ جيڪڏهن اهو ربّ ڪريم حڪم فرمائي تہ سردي ۽ گرمي منهنجي ويجهو بہ نہ اچي. اُن بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمايو: مان ٿيهہ سالن کان هن جهنگل ۾ آهيان، الله پاڪ مون کي سردي ۾ پنهنجي محبت جي گرمائش عطا فرمائيندو آهي ۽ گرمي ۾ پنهنجي محبت جي ٿڌاڻ بخشيندو آهي. (لطائف المعارف، ص376)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سردي جي موسم ۾ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي غربت جي ڪري گهر وارن ۽ ٻارن ٻچن جي لاءِ سردي کان بچاءُ جا گرم ڪپڙا وغيره خريد ڪرڻ جي طاقت ناهن رکندا، اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن اسان انهن جي مدد ڪيون تہ ان ۾ اسان جي لاءِ اَجر ۽ ثواب آهي. لطائف المعارف ۾ آهي تہ سردي جي موسم ۾ غريبن تي سردي دور ڪرڻ واريون شيون ايثار ڪرڻ تمام وڏي فضيلت جو عمل آهي.

## هڪ قميص جي بدلي جنت ۾ داخلا

حضرت سُليمان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو بيان آهي تہ اهلِ شام مان هڪ شخص اچي چيو: مون کي حضرت صفوان بن سُليم زُهري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي باري ۾ ٻڌايو، مون انهن کي جنت ۾ داخل ٿيندي ڏٺو آهي. پڇيو ويو ڪهڙي عمل جي سبب؟ ان ٻڌايو: ڪنهن شخص کي هڪ قميص پارائڻ جي سبب. حضرت صفوان بن سُليم زهري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان ڪنهن ان قميص جو تذڪرو ڪيو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايائون: هڪ ڀيرو مان سخت سردي جي رات ۾ مسجد کان

نڪتس ته هڪ بي لباس شخص تي نظر پئي، مون پنهنجي قميص لاهي ان کي ڏئي ڇڏي. (لطائف المعارف ، ص376)

## نيڪ وزير

هڪ نيڪ وزير کي ٻڌايو ويو ته هڪ عورت جا چار يتيم ٻار أگهاڙا ٻکيا آهن. وزير هڪ انسان کي حڪم ڏنو ته يڪدم وڃو ۽ ان جي ضرورت جا ڪپڙا ۽ کاڌو وغيره انهن کي پهچايو. پوءِ وزير پنهنجو گرم لباس لاٿو ۽ قسم کنيو ته بخدا! مان تيستائين لباس نه پائيندس ۽ نه ئي ڪو سيڪ وٺندس جيستائين هي ماڻهو واپس اچي نه ٻڌائي ته انهن يتيمن کي لباس پارائي ڇڏيو آهي، ۽ انهن جو پيٽ ڀري ڇڏيو آهي. جيئن ته اهو انسان هليو ويو ۽ جڏهن واپس اچي ٻڌايو ته يتيمن ڪپڙا پائي ڇڏيا آهن ۽ کاڌي کان سير ٿي ويا آهن تڏهن نيڪ وزير پنهنجو(گرم) لباس ٻيهر پاتو. نيڪ وزير ان وقت سردي کان ڏکي رهيو هو. (لطائف المعارف ، ص378)

**الله پاڪ** اسان کي به غريبن، يتيمن جي ضرورتن جو خيال رکڻ انهن سان حُسن سُلوڪ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ماهِ جُمادي الاوليٰ ۽ جُمادي الأُخريٰ ۾ موسم جهڙو به هجي خوب خوب عبادتون ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## ايندڙ هفتي جو رسالو





عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net